# ردون ۽ ٻڪرين پالڻ جا بنيادي اصول

## تربيتي ڪتاب



Aik Saath ایک ساتھ 'Together'

THE UNIVERSITY OF MELBOURNE

Australian AID

UVAS UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE

سمال ريومينٽ پروجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور فون: 042-37212339

Aik Saath ایک ساتھ 'Together'

THE UNIVERSITY OF MELBOURNE

Australian AID

UVAS UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE

سمال ريومينٽ پروجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور فون: 042-37212339

## مهاڳ

ڏٺي سائين پاڪستان کي جانورن جي دولت سان مالا مال ڪري رکيو آهي. هڪ اندازي مطابق پاڪستان ۾ موجود ڪُل 138 ملين جانورن ۾ هڪ وڏو حصو ٻڪرين ۽ رِڍن تي مشتمل آهي. آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومت جي تعاون سان هڪ تحقيقاتي منصوبو شروع ڪيو ويو آهي جنهن ۾ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور جي تجرباتي ٽيم جي تحقيق ڪرڻ جو مقصد ننڍي پيماني تي رِڍن ۽ ٻڪرين کي پالڻ وارن پاڳين وٽ جانورن جي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ آهي. جانورن جي پيداوار (کير۽گوشت) ۾ اضافو ان وقت ممڪن آهي جڏهن پاڳين کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ سٺي نسل جي مسئلن بابت سڄي ڄاڻ هجي.

هن تفصيلي ڪتابچي جو مقصد رِڍن ۽ ٻڪرين پالڻ وارن پاڳين کي جانورن جي بهتر سار سنڀال جي بنيادي اصولن جي متعلق ڄاڻ ڏيڻ آهي، تہ جيئن هر جانور جي وڌ کان وڌ پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي. جنهن سان پاڪستان جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ غربت جي شرع ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. هن تربيتي ڪتابچي کي ڇپرائڻ جي لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا ٿورائتا آهيون.

(سمال ريومينٽ پروجيڪٽ)

## فهرست


| | |
|---|---|
| 1. رِڍن ۽ ٻڪرين جي سارسنڀال جا بنيادي اصول | 1 |
| 2. رِڍن ۽ ٻڪرين جي ڦرن جي بهتر پالنا جا رهنمائي اصول | 4 |
| 3. رِڍن ۽ ٻڪرين جون ڪجھ ضروري بيماريون ۽ ان کان بچاءُ | 7 |
| 4. رڍن ۽ ٻڪرين جي ڪاڌ خوراڪ | 17 |
| 5. رِڍن ۽ ٻڪرين جي نسل ڪشي جا بنيادي اصُول | 24 |
| 6. رڍن جون اهم نسلون | 26 |
| 7. ٻاڪري مال جون اهم نسلون | 29 |

## رِڍن ۽ ٻڪرين جي سارسنڀال جا بنيادي اصول

بهتر سارسنڀال بهتر پيداوار جو ذريعو آهي جانورن جي رهڻ سهڻ تي اثرانداز ٿيڻ جا ڪجھ بنيادي اصول هيٺ ڏجن ٿا.

- جانورن کي ٻَڌي رکڻ
- خوراڪ ۽ پاڻي تائين محدود رسائي ڏيڻ
- شديد موسمي اثرات کان بچائڻ
- گندگي وارو فرش صاف رکڻ

رِڍن ۽ ٻڪرين جي صحت ۽ پيداوار تي ٿيڻ وارن خراب اثرن کي بهتر انتظامي طريقن ۽ سٺي منصوبہ بندي سان گهٽ ڪري سگهجي ٿو



### بهتر سارسنڀال جا بنيادي طريقا

- واڙي جو ڍانچو
- پاڻي ۽ خوراڪ جي آساني سان رسائي
- صفائي جو مناسب انتظام

### رِڍن ۽ ٻڪرين جي واڙي جي تعمير

- واڙي جي تعمير جي لاءِ عام طور تي متائين جڳهه جي چونڊ يا انتظام ڪجي تہ جيئن هوا جي آمدورفت ۽ پاڻي جو نيڪال آساني سان ٿي سگهي



- واڙي جي ڊيگهه هميشہ اوڀر اولهه طرف رکڻ گهرجي جوڳوگهٽو ڪري هوائن جو رُخ اوڀر اولهه طرف کان هوندو آهي.
- واڙي جي ڇت گهٽ ۾ گهٽ 8 کان 10 فٽ ڊگهي هجڻ گهرجي.
- فرش ان طرح ناهئجي جيئن جانور ترڪي نہ سگهي ۽ پاڻي جو نيڪال آساني سان ٿي سگهي.
- پاڻي پيئڻ، گاهه کائڻ ۽ رهڻ جي جڳهه تي چانوءِ جو مناسب انتظام هئڻ گهرجي.
- ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ واڙي جي آسي پاسي وڻ لڳائجن.

| جانورن جا گروپ عمرجي لحاظ کان | جڳهه جي ضرورت (فٽ جي حساب سان) | |
|---|---|---|
| | ڇت واري جڳهه (فٽ) | کُليل جڳهه (فٽ) |
| 3 مهينن جي عمر تائين | 0.2 — 0.25 | 0.4 — 0.5 |
| 3 مهينن کان 6 مهينن جي عمر تائين | 0.5 — 0.75 | 1.0 — 1.5 |
| 6 مهينن کان 12 مهينن جي عمر تائين | 0.75 — 1.0 | 1.5 — 2.0 |
| بالغ رڍ يا ٻڪري | 1.5 | 3.0 |
| نر، ڊڪي يا کير ڏيڻ واري رڍ ۽ ٻڪري | 1.5 — 2.0 | 3.0 — 4.0 |

## پاڻي



صاف ۽ تازو پاڻي جانورن جي هاضمي کي بهتر ڪري خوراڪ جي طلب کي وڌائي ٿو، رڍ ۽ ٻڪري جي جسم مان اگر پاڻي جو ڍهون حصو به ضايع ٿيندو ته موت جو شڪار ٿي سگهي ٿو. جانورن جي ڪاڑوخوراڪ جيتري به سٺي هجي پر پاڻي جي گهٽتائي جي ڪري ان مان فائدو حاصل نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي ته واڙي ۾ جانورن کي 24 ڪلاڪ صاف ۽ تازو پاڻي مهيا ڪيو وڃي جنهن تائين جانور آساني سان پهچي سگهن.

## صفائي جو مناسب انتظام



صفائي جو غير مناسب انتظام مختلف بيمارين کي ڦهلائڻ جو سبب بڻجي ٿو خراب ماحول ۾ هي بيماريون تيزي سان هڪ جانور مان ٻي جانور ۾ منتقل ٿينديون آهن، جيڪي پاڳئي جي معاشي نقصان جو سبب بڻجن ٿيون، ان بيمارين جي خطري کي گهٽ ڪرڻ ۽ جانورن کي صحتمند ۽ فائدي مند بنائڻ جي لاءِ واڙي کي صحيع طرح صاف رکڻ ضروري آهي.

## واڙي کي صاف سترو رکڻ لاءِ ڪجهه ضروري ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون:

- واڙي جي ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ به دفعا صفائي ضرور ڪجي.
- پاڻي جي نيڪال جو مناسب انتظام هجڻ  هرجي ته جيئن واڙي کي خشڪ ۽ صاف سترو رکي سگهجي.
- ڪڏهن به جانورن جي رهڻ واري جڳهه تي خراب پاڻي نه بيهڻ گهرجي.
- جانورن جي رهڻ واري جڳهه کي صاف سترو ۽ آرامده هئڻ گهرجي.



# رِڍن ۽ ٻڪرين جي ڦرن جي بهتر پالنا جا رهنمائي اصول

بهتر صحت لاءِ ناقابل انتظامي ڳالهين جي وجهه سان وڏي تعداد ۾ رڍن ۽ ٻڪرين جا ڦر بيمار ٿيندا آهن يا مري ويندا آهن، جيڪي پيداوار ۾ گهٽتائي جا سبب بڻجن ٿا، رڍن ۽ ٻڪرين جي ڦرن جي موت عام طور تي 6 مهينن جي عمر وارن ڦرن ۾ ٿيندي آهي. جانورن جا ڦر ڪنهن به فارم جي معاشي مستقبل جا ضامن هوندا آهن. اسان جي ملڪ ۾ رڍن ۽ ٻڪرين جي وڏي تعداد کي روايتي طريقن سان پاليو وڃي ٿو. جنهن جي وجهه سان اسان في جانور جي صلاحيتي پيداوار حاصل نه ڪري رهيا آهيون. ان ڪان علاوه ڦرن جي سارسنڀال، بهتر صحت ۽ خوراڪ جهڙي اهم ڳالهين ۾ غفلت انهن جي موت جي شرع ۾ خطرناڪ حد تائين اضافي جو سبب بڻجي رهيون آهن اگراسين ڦرن جي جديد طريقن سان نظرساني ڪنداسين ته فارم جي آمدني ۾ تمام گهڻو اضافو ڪري سگهجي ٿو.

## ڍڪيڻ واري جانور جي سارسنڀال



اڳلي نسل  جو دارومدارڍڪي جانور جي صحت تي هوندو آهي، جنهن لاءِ هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

- بيمارين ڪان محفوظ
- خوراڪ جي گهٽتائي نه ٿيڻ

خوراڪ جي گهٽتائي مان مراد مقدار نه آهي، بلڪ جانورن کي متوازن خوراڪ فراهم ڪرڻ آهي متوازن خوراڪ اگر فراهم نه ڪبي ته ڦرن چندڻ، ڦرن ۾ گهٽ پئدائشي وزن، ڪمزور ڦرڙن جي پئدائش، ڦرڙن جي موت ۾ اضافي جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. آخري 20 ڏينهن ۾ پيٽ ۾ گهٽ جڳهه هئڻ جي ڪري جانورن جي غذائي ضرورت پوري نٿي ٿي سگهي ان لاءِ آخري

مهيني ۾ في جانور کي 500 گرام ونڊي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. آخري ڏينهن ۾ چرائڻ لاءِ وڏيڪ سفر نہ ڪرائجي ڇو تہ ٿڪاوٽ جي صورت ۾ جانور ڦر ڇنڊي سگهي ٿو.

## نئي ڄاول ڦرجي بهتر پالنا





رڍ يا ٻڪري جي ڦر ڄڻڻ کان پوءِ نئي ڄاول ڦر جي نڪ، منهن ۽ اکين تان جِهلي وغيره صاف ڪجي. ڦر جي ناڙي کي ڌُن کان هڪ انچ جي فاصلي تي نشان لڳائڻ کان پوءِ قينچي سان ڪٽجي ۽ پوءِ ٽنچر آيوڊين لڳائجي. ڦر کي ماءُ جي اڳيان رکي ڇڏجي تہ جيئن ماءُ پنهنجي ڦر کي چٽي سگهي. ان کان پوءِ جانور جي ٿڻن ۽ اوھ کي صاف ڪري ٻنهي ٿڻن مان ڪجھ قطرا زمين تي ڪيرائي ۽ پوءِ ڦر کي پس پيارجي، اگر رڍ يا ٻڪري جا ڦر هڪ کان وڏيڪ هجن تہ سيني کي هڪ جيتري مقدار ۾ پس پياريو. پس ڦرڙن جي جسم ۾ بيمارين جي خلاف قوت مدافعت پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو.

رڍ ۽ ٻڪري جي ڦر کي ايترو کير ڏجي تہ ان مان ڦر جي ضرورت پوري ٿي وڃي، ڦر جيڪڏهن وڏيڪ کير پي ڇڏي تہ دست لڳڻ جو خطرو ٿي سگهي ٿو.



- سياري ۾ رڍ ۽ ٻڪري جي نئين ڄاول ڦر جا پهريان ٻہ ٽي ڏينهن وڏيڪ اهم هوندا آهن انهيءَ ڪري ڦر جي لاءِ گرم جڳهہ جو انتظام ڪجي.
- ڦرن کي ٻن هفتن جي عمر تائين واڙي ۾ رکجي تہ جيئن ٻاهر مٽي وغيره نہ کائين، واڙي جي جڳهہ صاف ۽ خشڪ رکجي، فرش تي پراڙ وغيره وڇائجي.
- نئين ڄاول ڦرن کي پندرنهن ڏينهن تائين پنهنجي ماءُ سان گڏ رکجي.
- ٻن هفتن کان پوءِ ڦرڙن کي ماءُ سان گڏ واڙي جي ويجهو چرائي جي لاءِ موڪلجي.





## ڦرڙن جو کير ڇڏائڻ

جڏهن ڦر ٻن مهينن جا ٿي وڃن تہ آهستي آهستي اُن جو کير ڇڏرائجي اُن کان علاوه ماءُ جي کير جي پيداوار ۽ نسل جي ٻہ کير ڇڏرائڻ جي عمر ۾ ڪافي عمل دخل هوندو آهي.

# رڍن ۽ ٻڪرين جون ڪجھ ضروري بيمارين ۽ ان کان بچاءُ

## آنڊن واري بيماري (انٽيروٽاڪسيميا)

هي بيماري بيڪٽيريا جي وجھ سان سڄي سال جي ڪنهن بہ وقت خصوصاً ان جانور ۾ ٿيندي آهي جيڪي برسات کان پوءِ يا بهار جي موسم ۾ پيدا ٿيندا آهن

### علامتون

منڊڪائڻ، ڄاڙي هلائڻ، شديد صورت ۾ ڪنڌ کي جهڪائڻ، مرڻ کان تقريباً پهرين رتاوان دست لڳڻ، پوسٽ مارٽم ۾ چوٿون حصو معدو،آنڊا ۽ جگر رت سان ڀريل هوندا آهن





### احتياطي اُپاءُ

جانورن کي وڌيڪ مقدار ۾ داڻي يا خوراڪ ڏيڻ کان پرهيز ڪجي. سڀني رڍن ۽ ٻڪرين کي حفاظتي ٽڪو ٽائم تي لڳرائجي. هن بيماري جو حفاظتي ٽڪولڳرائڻ جو وقت ڊسمبر، جنوري ۽ جون، جولائي آهي. شديد بيماري جي حالت ۾ ويجھي ويٽنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪجي.



## ساماڙو يا مهاڙو

ساماڙو يا مهاڙو جي بيماري جو سبب هڪ خاص قسم جو وائرس آهي جيڪو متاثره رڍن ۽ ٻڪرين جي جسم مان نڪرندڙ ڇيٽي ۽ رطوبتن جي ذريعي خارج ٿئي ٿو

### علامتون

تيز بخار، زبان ٽارون،ڪُرن ۽ اوھ تي ڦلوڪٽا، منڊڪائڻ، وات مان گِگ جو وهندو رهڻ اهم علامتون آهن





### احتياطي اُپاءُ

متاثريل رڍن ۽ ٻڪرين کي تندرُست جانورن کان جلدي الڳ ڪجي سڀني رڍن ۽ ٻڪرين کي ساماڙي جو حفاظتي ٽڪو ٽائيم تي لڳرائجي. هي حفاظتي ٽُڪا هميشہ لاڳاپيل ذريعن کان حاصل ڪريو، گهڻو ڪري سال ۾ بہ دفعا فيبروري، مارچ ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر ۾ حفاظتي ٽڪا لڳرايو

# منهن پچڻ

رڍن يا ٻڪرين جي ڦرڙن ۾ هي بيماري وائرس جي وجهه سان سڄي سال جي ڪنهن به وقت ٿي سگهي ٿي.

## علامتون

چپن جي چوطرف ڦلوڪڙا ٿي پون، ڦلوڪڙا ڦاٽي ناسور جي صورت اختيار ڪري وڃن ٿا ۽ آهستي آهستي چٽڻ لڳندا آهن. ڦلوڪڙن جي وجهه سان جانورن کي کائڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي ۽ جانور ڪمزور ٿي ويندا آهن ڪلون ڇٽڻ کان پوءِ جانور تندرست ٿي ويندو آهي.





## احتياطي اُپاءُ

ڦلوڪڙن يا ڪلن تي ٽنڪچر آيوڊين ڏينهن ۾ ڪيترا ئي دفعا لڳائجي. شديد بيماري جي صورت ۾ ويجهي ويٽنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪجي.



# ڪاٽا يا پي پي آر

رڍن ۽ ٻڪرين جو انتهائي عام مرض جنهن جو حملو برسات جي موسم ۾ وڌيڪ ٿئي ٿو ۽ سياري جي موسم ۾ به ٿي سگهي ٿو. جيئن جيئن جانور جي عمر وڌي ٿئي ٿي هن مرض جو امڪان به وڌندو آهي. ننڍي عمر جي جانورن ۾ مرض انتهائي عام آهي. هي مرض جانورن جي خون، ڳُرن، پاڻي، ڇيڻي، اک، منهن، ۽ نڪ جي ذريعي ڦهلجندو آهي.

## علامتون

تيز بخار،نڪ مان گهاٽو پاڻي جيڪو پوءِ بدبودار ٿي ويندو آهي.خشڪ چمڙي، اکين مان پاڻي، اکين تي سوڄ ۽ پيپ واري مواد جو خارج ٿيڻ، اکيون چمبڙيل، منهن ۽ نڪ جي جهلي جي سوڄ ۽ منهن مان ڳِگُون، بک نه لڳڻ، ساهه کڻڻ ۾ مشڪلات، ڇڪون، نمونيا، ڦر چندڻ، اچانڪ گرمي پد جو گهٽجڻ اهم علامتون آهن. هن مرض ۾ موت جي شرح 100 فيصد تائين هوندي آهي.





## احتياطي اُپاءُ

حفاظتي ٽڪا، سني رهائش، موسم جي اثرات کان بچائڻ ڪاٽا يا ماتا يا (پي پي آر) جي خلاف بهترين احتياتي تدابير آهن ڇو جو هن مرض جو ڪوئي علاج نه آهي البته موقعي تي جراثيمن جي خلاف دوائون ڏيڻ سان موت جي شرح ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

# فٽ راٽ

هي بيماري بيڪٽيريا جي ڪري سڄي سال ۾ ڪنھن بہ وقت ٿي سگھي ٿي. فٽ راٽ کُر ۽ کُرن جي آس پاس جي جڳھ کي متاثر ڪندي آھي.

## علامتون

کُر ۽ کُرن جي وچ واري جڳھ بدبودار، ڪرجڻ ۽ڳرڻ شروع ٿي ويندي آھي. جانور کي ھلڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي آھي ۽ لنگڙائندو آھي.





## احتياطي اُپاءُ

بيمار جانور کي ٻين جانورن کان الڳ ڪريو ۽ ويجھي ڪنھن ماھر ويٽنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو.



# دست

رڍن ۽ ٻڪرين ۾ دست لڳڻ ھڪ انتھائي اھم ۽ وڏو مسئلو آھي عمر جي پھرين مھيني ۾ 90 فيصد موت جو سبب دست آھن ھن مشڪل مرض کان ٻچڻ وارن ڦرن ۾ صحت ۽ وڌڻ واري شرح ڪافي حد تائين متاثر ٿيندي آھي

## علامتون

دستن جي غير متعدي ڪارڻ ۾ کير جو وڌيڪ مقدار ۾ پيارڻ، صفائي سترائي جو غير مناسب نظام، قوت مدافعت ۾ گھٽتائي ۽ شديد موسمي دٻاءُ جڏھن تہ ٻين ڪارڻن ۾ مختلف قسم جا بيڪٽيريا، وائرس ۽ فنجائي شامل آھن.





## احتياطي اُپاءُ

رڍن يا ٻڪرين کي دستن کان بچائڻ جي لاءِ صفائي سترائي جوخيال رکو ۽ ضرورت کان وڌيڪ کير پيارڻ کان پرھيز ڪريو. جسم ۾ پاڻي جي صورت ۾ رڍ يا ٻڪري کي پاڻي يا نمڪول ڏيو. دست بند نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ويجھي ماھر ويٽنري ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو.

# نمونيا

سياري ۾ شديد موسمي خرابي ۾ دوا پيارڻ وقت بي احتياطي ڦڦڙن جا جراثيم ۽ هوا جو غير مناسب انتظام نمونيا جا اهم سبب آهن

## علامتون

رڍ يا ٻڪري کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندي آهي تيزبخار ساهه کڻڻ ۾مشڪلات کنگهه ۽ نڪ مان پاڻي وهڻ نمونيا جون اهم علامتون آهن.




## احتياطي اُپاءُ

هوا جي رخ جو مناسب انتظام ڪجي ڪير يا دوا پيارڻ وقت زبان نه پڪڙجيءَ جيوڙن جي دوا جو باقاعدگي سان استعمال ڪجي.



# پيٽ جا ڪيڙا

اندريان ۽ ٻاهريان جيوڙا ڦرڙن ۾رت چوسڻ سان گڏ مختلف بيماريون ڦهلائڻ جو سبب بڻجن ٿا جنهن سان انهن جي صحت ۽ واڌويجهه تي گهڻو اثر ٿئي ٿو .

## علامتون

متاثر ٿيل رڍ يا ٻڪري ۾ مٽي کائڻ، پيٽ لٽڪڻ، چمڙي خشڪ ۽ خردري ٿيڻ سان گڏوگڏ وار ڇڻڻ ۽ اکين ۾ گند هجڻ جيوڙن جي هجڻ جون اهم علامتون آهن.




## احتياطي اُپاءُ

رڍ يا ٻڪري کي هر ٽن مهينن کان پوءِ جيوڙن کي ختم ڪرڻ جي دوا بدلائي پيارڻ گهرجي.

## چچڙن مان ڦهلجڻ واريون بيماريون

چچڙ جانورن جي جسم تي موجود هوندا آهن هي نه صرف جانورن جو رت چوسڻ ڪري انهن ۾ ڪمزوري ڪري ڇڏيندا آهن پر مختلف قسم جي بيماريون ڦهلائڻ ۽ پيداوار ۾ اهم گهٽتائي جو سبب پڻ آهن پاڪستان ۾ مارچ کان آگسٽ تائين جي موسم چچڙن جي پيداوار جي لاءِ خاص سمجهيا ويندا آهن چچڙن جي ڪري جانورن ۾ هيٺ ڏنل بيماريون ڦهلجن ٿيون.

- رتاون دست
- گرِ (جُيون ۽ ٻاهريان ڪيڙا)

### علامتون

ڪاڙو پيتو ڇڏي ڏيڻ، تيز بخار، وڏا وڏا ساهه کڻڻ، جسم ۾ رت ۽ پاڻي جي گهٽتائي، پيشاب ڳاڙهو ۽ قبضي جي شڪايت ٿي سگهي ٿي، جسم ۾ موجود گلٽين ۾ سوڄ ٿئي ٿي جيڪا گلٽين جي بخار جي هڪ اهم نشاني آهي. عام طور تي هن ٻنهي بيمارين ۾ اينٽي بائيوٽڪ جو اثر نه ٿيندو آهي .





### احتياطي اُپاءُ

چچڙ واڙي جي آسي پاسي وارن جڳهن، پٿين، گهرن ۽ ڪاٺ جي درزن ۾ موجود هوندا آهن ان درزن کي بند ڪجي ۽ واڙي ۾ چچڙن جي دوا کي باقائدگي سان هر مهيني ڇٽڻ گهرجي، چاڪاڻ ته چچڙن کي روڪڻ جي لاءِ اهو عمل نهايت ضروري آهي. چچڙن جي شديد حملي جي صورت ۾ جانورن کي چچڙن واري دوا سان وينجهارجي، وڌيڪ معلومات لاءِ پنهنجي ويجهي ماهر ويٽنري ڊاڪٽر سان مشورو ڪجي.



## جانورن ۾ وچڙندڙ بيمارين کان بچاءُ لاءِ حفاظتي ٽڪن جو چارٽ

رڍ ۽ ٻڪري کي مختلف وبائي بيمارين کان بچاءُ جي لاءِ بروقت ۽ موثر حفاظتي ٽڪولڳائڻ انتهائي ضروري آهي.

### رڍ ۽ ٻڪري کي حفاظتي ٽڪو لڳائڻ جو شيڊول

| بيماري جو نالو | وئيڪسين جو نالو | وزن ۽ طريقو | موسم | قُوتِ مدافعت جو عرصو |
|---|---|---|---|---|
| مهاڙو يا ساماڙو | فٽ ايند مائوٿ | 2 کان 3 ملي ليٽر رڍ ۽ ٻڪري جي کل هيٺيان | فيبروري ۽ آڪٽوبر | 6 مهينن جو عرصو هوندو آهي پر 4 مهينن کانپوءِ ٻيهر لڳائجي سال تائين |
| ٽڪاڻ يا ڪاروواءُ | ائنٽريڪس اسپور | 1/2 ملي ليٽر رڍ ۽ ٻڪري جي کل هيٺيان | آگسٽ | سال ۾ هڪ دفعا |
| رڍن جي ماتا | شيپ پاڪس | هڪ ملي ليٽر پاڻي ملائي پڇ جي کل ۾ | مارچ ۽ ڊسمبر | 4 مهينن جو عرصو هوندو آهي پر 4 مهينن کانپوءِ ٻيهر لڳائجي سال تائين |
| رتاوان دست | انٽيرو ٽاڪسيميا | 3 مهينن جي ڦرڙن کي 1 کان 2 ملي ليٽر ۽ وڏن کي 3 ملي ليٽر 6 هفتن کانپوءِ ٻيهر کل جي هيٺيان | مئي ۽ جون نومبر ۽ ڊسمبر | 6 مهينن جو عرصو ٿيندو آهي پر 15 ڏينهن کانپوءِ وري ٽڪو لڳرائجي ته سال تائين |
| ڦڦڙي يا پلورو نمونيا | پلورو نمونيا | 3 کان 6 مهينن وارن کي 1/2 ملي ليٽر ۽ 6 مهينن جي عمر وارن کي 1 ملي ليٽر کل جي هيٺيان | نومبر | 4 مهينن کان 1 سال |
| ڪاٽا، ماتا يا پي پي آر | پي پي آر | 1 ملي ليٽر کل جي هيٺيان | مارچ ۽ اپريل | 4 مهينن کان 1 سال |

# رڍن ۽ ٻڪرين جي ڪاڌ خوراڪ

جانورن جي پيداوار جو 70 فيصد دارومدار خوراڪ تي هوندو آهي. روايتي طور تي رڍن ۽ ٻڪرين جي پالڻ جو طريقو گهڻو ڪري چرائي تي هوندو آهي. رڍن ۽ ٻڪرين جي واڌويجهه لاءِ چرائي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. ڀاڳيا پنهنجي زمين تي به آورا ناهي چرائي ڪرائي سگهن ٿا پر قدرتي طور تي دستياب چارا جيئن ته جنگ، دريا جي ڪنارن تي به چرائي ڪرائي سگهن ٿا. رڍن ۽ ٻڪرين جي لاءِ 4 کان 8 ڪلاڪ روز چرائي ڪرائڻ تمام اهم آهي. تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته چرائي تي وڃڻ وارن رڍن ۽ ٻڪرين ۾ بهترين واڌويجهه ٿئي ٿي.



## ڍڪڻ جي دوران ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت

- رڍ ۽ ٻڪري ڍڪي ٿيڻ جي ڇهن مهينن کان پوءِ ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت وڌي ويندي آهي.چارو وڌي ٻڪري جي لاءِ اڌڪلو گرام ۽ ننڍي ٻڪري لاءِ هڪ سوگرام ڪافي آهي.
- رڍن ۾ ڦر ڄڻڻ کانپوءِ ڇهه هفتن تائين اڌ کان هڪ ڪلوگرام ڏارو ڏيڻ گهرجي.
- ڍُڪي ٻڪري کي اهڙي ڪا خوراڪ نه ڏيڻ گهرجي جيڪا قبض جو سبب بڻجي مثال طور جمون جا پتا وغيره.
- ڍُڪي جانور ۾ برسيم ۽ جنتر جهڙي سائي گاهه جو وڌيڪ استعمال نه ڪرڻ گهرجي جو ته هي پيرتي جو سبب ٿي سگهن ٿا .

## ڦر ڏيڻ کانپوءِ رڍ يا ٻڪري جي خوراڪ

- ڦرجي پيدائش جي فورن بعد رڍن کي معياري ڏارو ڏيڻ گهرجي، سائي گاهه کان علاوه قبض ڪشا خوراڪ جيئن ته ڪٽڪ جو ڏارو، جَوَ، مڪئي جو استعمال به ڪري سگهجي ٿو.
- رڍن ۽ ٻڪرين کي چرائي تي موڪلڻ جي باوجود به انهن جي ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت گهٽ ٿيندي آهي انهيءَ لاءِ انهن کي اضافي خوراڪ ڏني وڃي، چرائي سان گڏ اضافي خوراڪ ڏيڻ لاءِ هيٺ ڏنل طريقن مان ڪو به هڪ طريقو اختيار ڪري سگهجي ٿو .



- 6 کان 8 ڪلاڪ چرائي سان گڏ 8 کان 10 ڪلوگرام سائوگاهه ڏنو وڃي.
- 6 کان 8 ڪلاڪ چرائي سان گڏ 400 ڪلوگرام ونڊو مهيا ڪجي.
- 6 کان 8 ڪلاڪ چرائي سان گڏ 1ڪلوگرام خشڪ گاهه يا سائيليج (خشڪ ڏارو) ڏيڻ گهرجي.

## ڦرن جي غذائي ضروريات



ڦرڻ جي بهترين صحت ۽ واڌويجهه لاءِ غذائي ضرورت جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. پيدائش کان ڪير ڇڏرائڻ جي وقت تائين جو مرحلو خاص طور تي غير معمولي اهميت رکي ٿو.

## پِس يا کِڙ

پس نئي ڄاول ڦر جي لاءِ قدرت جو ڀريون انمول تحفو آهي. جنهن جو ڪاڌ وخوراڪ جي لحاظ سان ڪا برابري ڪونهي. ڍڪڻ جي دوران ماءُ جي رت سان قوت مدافعت جي ڦر ۾ منتقل نه ٿي ٿئي ان جي لاءِ پيدائش جي وقت ڦر جو مدافعتي نظام بحال نه هوندو آهي. تنهنڪري صرف پس سان ئي ڦر ۾ قوت مدافعت منتقل ڪرڻ جو واحد ذريعو آهي. اگر پيدائش جي هڪدم کانپوءِ ڦر کي پس نه پيياربو ته ان ۾ بيمارين جو خدشو خطرناڪ حد تائين وڌي ويندو آهي.

پس ۾ مدافعتي شين ۾ خشڪ مادو، حل ٿيل نمڪيات، وٽامن ۽ پروٽين ڪير جي نسبت ڪافي وڌيڪ مقدار ۾ ملن ٿا تنهنجي لاءِ ڪير ڪڍڻ به پس جي برابر نه ٿو ٿي سگهي. پيدائش جي پهرين 24 ڪلاڪن ۾ پس نهايت اهميت جي قابل آهي. پيدائش کانپوءِ پس پيارڻ ۾ جيتري سُستي ڪبي اوترو ئي ڦر ۾ قوت مدافعت ۽ واڌويجهه گهٽ ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي

پس جي فائدي جو سڄو دارومدار پس پيارڻ جي وقت، مقدار ۽ معيار تي هوندو آهي.




## پس پيارڻ جو وقت

پس پلي بهترين معيار جو ٻه هجي پر اگر وقت تي نه پياربو ته ان جو ڪو ٻه فائدو نه آهي. پيدائش جي فورن بعد ڄر ڪرڻ جي انتظار کان پهرين ڦر کي پيٽ ڀري پس پيارڻ ضروري آهي. پيدائش کان پوءِ پهرين 6 ڪلاڪن ۾ مدافعتي جُزن جي جذب ٿيڻ جي صلاحيت تمام گهٽي هوندي آهي. جيڪا آهستي آهستي گهٽ تي ڪري اڳين 24 ڪلاڪن ڪانپوءِ بلڪل ختم ٿي ويندي آهي. تنهنجي لاءِ ڦر وٽ ماءُ کان وڏيڪ مدافعتي شيون حاصل ڪرڻ جو وقت تمام گهٽ هوندو آهي. اگر ڦر ڪمزور هجي يا خود ماءُ جو کير نه پي سگهي ته پوءِ فيڊر يا بوتل جي مدد سان جلدي پس پيارجي.

## مقدار

جانور جي ڄر جي ڪيرائڻ جي انتظار بغير، ڦر جي پيدائش ٿيڻ بعد جلدي پيٽ ڀري پس پيارجي. عام طور تي ڊيري فارمرز ۾ هي سوچ هوندي آهي ته پيٽ ڀري پس پيارڻ سان ڦر کي ٽيڪ لڳڻ جو خطرو هوندو آهي پر حقيقت ۾ ائين نه هوندو آهي پيٽ ڀري پس پيارڻ سان ڦر جو پيٽ سٺي طرح سان صاف ٿي ويندو آهي جيڪو مدافعتي نظام کي برقرار رکڻ ۾ مناسب ثابت ٿيندو آهي.



## معيار يا حالت

پس /کڙ ۾ قوتِ مدافعت اُن جي معيار تي هوندي آهي ۽ پس جو معيار ان ۾ موجود شين جي ڪري هوندو آهي انهن شين جو سڄو دارومدار ماءُ جي عمر، کير جي سُڪڻ واري وقت، حفاظتي ٽڪن جو ڪورس ۽ بهتر معياري خوراڪ تي هوندو آهي.

پس جو معيار ليڪٽوميٽر جي مدد سان جانچو وڃي ٿو. ان کان علاوه تجرباتي نظريي سان ٻه خاطري حد تائين قوتِ مدافعت وارن شين جي موجودگي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سٺي معيار وارو پس /کڙ عام طور تي گهاٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اگر سٺي معيار جو پس ناهي ته ان صورت ۾ ڦر کي وڏيڪ مقدار ۾ پس پيارڻ کپي ته جيئن ڦر جي جسم کي گهربل مقدار ۾ طاقت ملي سگهي.

## رڍ يا ٻڪري جي ڦرڙن جي خوراڪ پيدائش کان ٽن مهينن جي عمر تائين

- پيدائش ڪانپوءِ جلد ۾ ڦر کي پس پيارڻ ضروري آهي، ڇو جو پس ۾ اهم غذائيت موجود هوندي آهي جنهن سان ڦر ۾ قوت مدافعت پيدا ٿيندي آهي. رڍ يا ٻڪري جي پس نه هجڻ جي صورت ۾ ڳئون جي پس جو استعمال ڪجي مسلسل کير جي فراهمي لاءِ ماءُ ۽ ڦر کي ٽن ڏينهن تائين گڏ رکجي.
- ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڦر کي ٻه يا ٽي وقت کير پيارجي.
- ٻن هفتن جي عمر ۾ ڦر کي سائو گاهه کارائجي.
- جڏهن ڦر هڪ مهيني جي عمر تائين پهچي ته ان کي ونڊو ڏيڻ شروع ڪجي.
- هڪ مهيني کان ٽن مهينن جي عمر تائين ونڊو کارائجي ڇو جو ونڊو ڦر کي وڏيڪ غذائيت فراهم ڪرڻ سان گڏ بهتر ۽ جلد واڌويجهه ۾ ٻه مدد ڪندو آهي.
- هڪ ڦر کي تقريبا 100 کان 500 گرام ونڊو جنهن ۾ 22 فيصد پروٽين هجي کارائڻ گهرجي.
- سائو گاهه تقريبا هڪ ڪلوگرام هڪ ڦر کي کارائڻ گهرجي.

## پيدا ٿيڻ کان 60 ڏينهن تائين جي عمر وارن ردن ۽ ٻڪرين جي ڦرڙن لاءِ خوراڪ جو چارٽ

| ڦر جي عمر | ماءُ جو کير يا مينهن جو کير (ملي ليٽر) | ڪريپ فيڊ ڦرڙن کي واڙي ۾ اندر ڏنو واري خوراڪ | سائو گاهه روزانو |
|---|---|---|---|
| 1 کان 6 ڏينهن | پس/ کڙ 300 ملي ليٽر ڏينهن ۾ 3 وقت | - | - |
| 7 کان 14 ڏينهن | پس/ کڙ 350 ملي ليٽر ڏينهن ۾ 3 وقت | 200 گرام | - |
| 15 کان 30 ڏينهن | پس/ کڙ 350 ملي ليٽر ڏينهن ۾ 2 وقت | 250 گرام | جيترو کائي سگهي |
| 31 کان 60 ڏينهن | پس/ کڙ 400 ملي ليٽر ڏينهن ۾ 2 وقت | 300 گرام | جيترو کائي سگهي يا 1 ڪلو گرام |

### ٻن مهينن کان ڇهن مهينن جي ڦرڙن جي خوراڪ

- ٻن مهينن کانپوءِ ڦر کي 8 ڪلاڪ تائين چرائڻ کپي يا وري 5 ڪلو گرام سائو گاهه ڏيڻ کپي.
- چرائڻ سان گڏوگڏ ڦرڙن کي 300 گرام اضافي خوراڪ ڏيڻ گهرجي.
- گرمين جي راتين ۽ بارش جي ڏينهن ۾ ڦرڙن کي سُڪل چارو ڏيڻ گهرجي.

### ڪريپ فيڊ - ڦرڙن کي واڙي ۾ اندر ڏنو واري خوراڪ جي تياري

| نمبر | چارو | مقدار |
|---|---|---|
| 1 | مڪئي (سنگِ) | 40 فيصد |
| 2 | ڪاڇن جي کڙ | 30 فيصد |
| 3 | ڪٽڪ جو چورو | 10 فيصد |
| 4 | ڃانورن جو چورو/ ڏارو | 13 فيصد |
| 5 | ڳڙ جو شيرو | 5 فيصد |
| 6 | منرل مڪسچر | 2 فيصد |
| 7 | عام لوڻ | 1 فيصد |



مختلف ونڊا ڪارائڻ جا فارمولا هيٺ ڏجن ٿا. جيڪي علائقي ۾ موجود شين جي ملڻ جي لحاظ سان استعمال ڪري سگهجن ٿا.

### مختلف ڪريپ فيڊ جي تياري

| نمبر | چارو | مقدار_1 | مقدار_2 | مقدار_3 |
|---|---|---|---|---|
| 1 | مڪئي (سنگِ) | 40 فيصد | 40 فيصد | 25 فيصد |
| 2 | ڪاڇن جي کڙ | - | 20 فيصد | 15 فيصد |
| 3 | ڪٽڪ جو چورو | - | - | 20 فيصد |
| 4 | جَوَ (Barely) | 30 فيصد | 20 فيصد | - |
| 5 | جئِي (oat) | 30 فيصد | 20 فيصد | 40 فيصد |
| 6 | خشڪ لوسڻ جو چارو | خواهش جي مطابق | - | - |
| 7 | وٽامن سپليمينٽ | - | هدايتن جي مطابق | هدايتن جي مطابق |





## رڍن ۽ ٻڪرين ڪي اضافي خوراڪ کارائڻ جا فارمولا (مقدار- ڪلوگرام)

| شيون | فارمولا 1 | فارمولا 2 | فارمولا 3 | فارمولا 4 | فارمولا 5 | فارمولا 6 | فارمولا 7 | فارمولا 8 | فارمولا 9 | فارمولا 10 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مکئي (سنگ) | 37 | 20 | 37 | 20 | 30 | 17 | 47 | 0 | 20 | 20 |
| جئِي | 0 | 20 | 0 | 0 | 17 | 0 | 0 | 0 | 30 | 0 |
| جُوار | 0 | 0 | 20 | 30 | 0 | 0 | 0 | 20 | 0 | 0 |
| چٽا | 15 | 10 | 10 | 0 | 10 | 30 | 0 | 17 | 20 | 40 |
| چورو | 20 | 37 | 20 | 20 | 20 | 20 | 40 | 40 | 10 | 20 |
| ڪڻڪ جو چورو | 25 | 10 | 10 | 27 | 20 | 30 | 10 | 20 | 17 | 17 |
| منرل/ معدنيات | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 | 02 |
| مڪسچر عام لوڻ | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 | 01 |
| ٽوٽل | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام | 100ڪلو گرام |



# رڍن ۽ ٻڪرين جي نسل ڪشي جا بنيادي اصول

## نسل ڪشي جا اصول

نسل ڪشي هڪ اهڙو عمل آهي جنهن تي نئي نسل جو دارومدار هوندو آهي. مستقبل ۾ سٺي نسل حاصل ڪرڻ لاءِ گهيٽي يا ٻَڪرَي ۾ بهترين پيداواري خصوصيتن جو هجڻ ضروري آهي. اگر گهيٽي يا سَانهه ٻڪر ڪي سجو سال ڌڻ ۾ ڇڏبو تہ رڍون ۽ ٻڪريون سجو سال ڍُڪيون رهنديون آهن ۽ ڦرڙن جي پيدائش هر موسم ۾ ٿيندي آهي. اگر اسان غور ڪريون تہ بهار جي موسم ۾ پيدا ٿيڻ وارا ڦرڙا بَنِسبَتاً صحتمند ۽ تندرست هوندا آهن هونهن بہ ميلاپ جو اصل موسم خزان آهي. انهن ڏينهن ۾ رڍن ۽ ٻڪرين جي گهڻي تعداد جنسي خواهش ظاهر ڪنديون آهن. موسم بهار ۾ پيدا ٿيڻ وارا ڦرڙا بَنِسبَتاً صحتمند ۽ تندرست هوندا آهن ۽ شديد سردي جي دوران پيدا ٿيڻ وارا ڦرڙا گهڻو ڪري نمونيا جو شڪار ٿين ٿا. جنهنڪري اڪثر رڍون ۽ ٻڪريون مارچ، اپريل ۽ سيپٽمبر، آڪٽوبر ۾ جنسي خواهش ظاهر ڪنديون آهن. انهيءَ لاءِ اهو وقت نسل ڪشي جي لاءِ بهتر تصور سمجهيويندو آهي تنهنڪري رڍن ۽ ٻڪرين جي نسل ڪشي سال ۾ هڪ دفعو سرنهن جي موسم ۾ ڪرائي ويندي آهي.رڍن ۽ ٻڪرين جي ڍڪڻ جو عرصو 146 کان 150 ڏينهن آهي جنهن لاءِ رڍ ۽ ٻڪري کي 2 جولاءِ کان 15 سيپٽمبر تائين نہ ملائڻ گهرجي تہ جيئن ڦرڙا گهٽي سردي ۾ پيدا ٿي موت جو شڪار نہ ٿين. جنسي خواهش ظاهر ڪرڻ وارن رڍن ۽ ٻڪرين جو ميلاپ ڏينهن ۾ بہ دفعا (صبح ۽ شام) ڪرائڻ گهرجي. جنهن رڍ يا ٻڪري جو ميلاپ صبح يا شام جو ٿئي ان کي اڳين ڏينهن صبح جو بہ ملائڻ گهرجي. ٽن ڏينهن تائين لڳاتار جنسي خواهش جو اظهار ڪرڻ وارين رڍن يا ٻڪرين کي هڪ دفعو ٻيهر ملائڻ گهرجي. نسل ڪشي جي موسم ۾ گهيٽي يا ٻڪري کي صرف صبح ۽ شام ڪجهہ دير جي لاءِ رڍن ۽ ٻڪرين ۾ ڇڏڻ گهرجي ۽ باقي سجو عرصو ڌڻ کان پري اڪيلو رکڻ گهرجي. گهيٽن يا ٻڪرين جي تعداد گهربل تعداد کان وڌيڪ هجڻ گهرجي تہ جيئن ڪنهن هڪ جي بيماري جي صورت ۾ نسل ڪشي جي لاءِ مسئلو پيدا نہ ٿئي.

بهار جي موسم ۾ جڏهن ڦرڙن جي پيدائش جي شروعات ٿيندي آهي ته ان وقت سائو گاهه چراڻي جي لاءِ وڏيڪ مقدار ۾ موجود هوندو آهي جنهن سان رڍن ۽ ٻڪرين جي صحت سٺي رهندي آهي. گهيٽن کي نسل ڪشي جي لاءِ 15 سيپٽمبر کان 15 آڪٽوبر جي آخر تائين ڌڻ ۾ ڇڏڻ گهرجي ته جيئن ڦرڙن جي پيدائش 15 فيبروري کان شروع ٿئي ۽ مارچ جي آخر تائين مڪمل ٿي وڃي. چوويهه ڪلاڪ ڌڻ ۾ ڇڏڻ سان نر ۾ ميلاپ جي طاقت ضائع ٿي ويندي آهي. ميلاپ هميشه ڪنهن جي نگراني يا موجودگي ۾ ڪرائڻ گهرجي. ڳگ ٿيل رڍ يا ٻڪري کي وقتي طور تي ڌڻ کان الڳ ڪيو وڃي ته جيئن نر ان رڍ يا ٻڪري سان بار بار ڳگ نه ڪري سگهي. قدرتي نسل ڪشي جي لاءِ هر 40 ٻڪرين يا رڍن لاءِ هڪ نر ڪافي هوندو آهي. مصنوئي طريقي سان به رڍن ۽ ٻڪرين جي نسل ڪشي ڪري سگهجي ٿي. نر جانور هميشه هڪ جي بجاءِ 2 رکڻ گهرجن ته جيئن ڪنهن هڪ جي بيماري جي صورت ۾ نسل ۾ رڪاوٽ پيدا نه ٿئي. نسل ڪشي جي موسم شروع ٿيڻ کان پهرين اگر نر جانور جا نُهن لاهي ڇڏجن ته ميلاپ جي وقت رڍن ۽ ٻڪرين جي زخمي ٿيڻ جا امڪان گهٽ ٿي ويندا آهن. اگر نسل ڪشي جو موسم شروع ٿيڻ کان پهرين جانورن جي اُون ڪتري وڃي ته انهن ۾ ميلاپ جي رجحان جو گهڻو اضافو ٿيندو آهي. جنسي ميلاپ جي موسم شروع ٿيڻ کان پهريان ڌڻ ۾ موجود نر ۽ ماده جانورن جو انتخاب ڪرڻ لاءِ ڌڻ جي جاچ ڪئي وڃي. نر ۽ ماده جانورن ۾ 1 سال مڪمل ٿيڻ کان پهريان نسل ڪشي نه ڪرائڻ گهرجي ته جيئن اهي وڏيڪ سٺي طرح واڌويجهه ڪري وڏيڪ پيداوار ڏئي سگهن.







# رڍ جون اهم نسلون

پاڪستان ۾ ٻن قسمن جون رڍون پاليون وڃن ٿيون، هڪ سنهي ڇچ واريون ۽ ٻيون ڇڪيءُ واريون يا دمبي رڍون. ڇڪي واريون رڍون گهڻو ڪري جابلو علائقن ۾ پاليون وڃن ٿيون ۽ سنهي ڇچ واريون رڍون نهري ۽ ميداني علائقن ۾ پاليون وڃن ٿيون.

## سنڌ ۾ رڍن جا نسل

### ڪوڪا



هن نسل کي سنڌ جي وچين علائقن جهڙوڪ- نوابشاهه، نوشهروفيروز، دادو، جيڪب آباد ضلعن کان سواءِ ٻين ضلعن ۾ به پاليو وڃي ٿو. هن جو رنگ اڇو ٿئي ٿو، مٿو ۽ ڪنڌ به اڇا هوندا آهن، وزن وچولو، نڪ رومن، ڳچي ننڍي پر ٿلهي، ٽنگون سنهيون ۽ ڊگهيون هونديون آهن، ڪن وڏا ۽ لٽڪيل، ڇچ سنهو ۽ ننڍو، اوهه چڱو خاصو اپريل، ٿڻ وچولا، سراسري جانور جو وزن نر 52 ڪلوگرام ۽ ماديون 36 ڪلو گرام ٿين ٿيون. سراسري روزانو 1.5 کان 2 ليٽر کير ڏي ٿي. نر ۽ مادي ٻنهي کي سڱ ڪونه ٿين، هي نسل گوشت ۽ اُن جي سٺي پيداوار ڏي ٿو. اُن جي سالانو پيداوار 2 ڪلو گرام ٿئي ٿي پالڻ جو مقصد گوشت، اُن ۽ ڪلون آهي.

### دمبي



دمبي رڍ جو نسل سنڌ جي ڪوهستاني علائقن دادو، ٺٽو ۽ ڪراچي جي آس پاس پاليو وڃي ٿو. جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ بلوچستان جي سبي واري علائقن ۾ به هي نسل ملي ٿو. هن نسل جا جانور قد جا وچولا، رنگ اڇو، منهن ڪارو ٿئي ٿو. اکين جي چوڌاري ڪارا چلا، ڪن ننڍا يا وچولا، ڪجهه جانورن جي ڪنن تي ڪارا وار هوندا آهن. نر کي اڪثر سنگ ٿين ٿا. ڇچ وچولو، ڀني چڱي خاصي پريل، نر جو وزن 40 ڪلوگرام ۽ مادي جو وزن 34 ڪلوگرام ٿئي ٿو. اُن جي سالانو وزن 1.4 ڪلوگرام في جانور هوندو آهي، دمبي رڍ گوشت ۽ اُن لاءِ پالبي آهي.

## ڪڇي



ڪڇي رڍ جو نسل سنڌ جي ريگستاني علائقي ٿرپارڪر ۽ رڻ ڪڇ جي آس پاس پاليو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هن نسل جو نالو ڪڇي رکيو ويو آهي. هن نسل جا جانور سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ پڻ ملندا آهن. قد وچولو، جسم اڇو، ڪنڌ، منهن ۽ ٽنگن جو رنگ ڪارو يا ناسي پورو ٿئي ٿو ۽ رومن نڪ خاص نشاني آهي. ڪن ننڍا يا ٽيوب نما ڪن جي پاڙ ۾ ننڍو ڪن به ٿئي ٿو. پڇ ننڍو، اوهه پورو پنو ۽ ٿڻ اپريل، روزانه سراسري هڪ ليٽر کير ڏي ٿي. کير جو عرصو 140 ڏينهن هوندو آهي. نر ۽ مادي ٻنهي کي سنگ ڪونه ٿين ٿا. هي نسل گوشت ۽ اُن جي سٺي پيداوار ڏي ٿو. سندس اُن جي پيداوار في جانور ٻه ڪلو گرام ساليانو آهي. اُن ٿلهي وارن جهڙي ۽ خشڪ هوندي آهي. سراسري نر جانور جو وزن 42 ڪلوگرام ۽ مادي جانور جو وزن 35 ڪلوگرام ٿئي ٿو.

## پنجاب ۾ رڍن جا نسل

### مندري



هي نسل ڊيراغازي خان ۽ راجن پور ضلعن ۾ پاليو وڃي ٿو. هي نسل پنهنجي قد بُت۽ خوبصورتي جي وجهه جي ڪري مشهور آهي. تمام ننڍا ڪن هجڻ جي ڪري انهيءَ کي مندري چيو ويندو آهي. مندري نسل جي قرن کي پاڳيا قرباني جي عيد جي لاءِ شوق سان پاليندا آهن.



### ڪجلي



هنن نسل جو مائيتاٽا علائقا سرگودها جا تعلقا شاهپور ۽ ڀلوال آهن. هي نسل پنهنجي قد بُت ۽ خوبصورتي جي وجهه جي ڪري مشهور آهي. هن جي اکين جي چوڌاري ڪارا نشان ۽ ڪنن جي ڪنڍن ۾ پڻ ڪارا نشان هوندا آهن جنهن جي ڪري انهيءَ کي ڪجلي چيو ويندو آهي. ڪجلي نسل جي قرن کي پاڳيا قرباني جي عيد جي لاءِ شوق سان پاليندا آهن.

### لوهي



لوهي رڍون ٻين رڍن جي مقابلي ۾ تمام گهٽيون آهن. هي نسل وڌيڪ تعداد ۾ ڦر پئدا ڪرڻ جي ڪري مشهور آهن. هن نسل جا جانور فيصل آباد، ٽوبا ٽيڪ سنگهه، جهنگ، شيخوپورا، لاهور، قصور، اوڪاڙه، گجرانوالا، سيالڪوٽ، سرگودها، ساهيوال، ملتان ۽ وهاڙي ضلعن ۾ ملندا آهن. هن نسل جي اُن قالين جهڙين شين لاءِ تمام بهترين سمجهي ويندي اهي.

### ٻچي



هي نسل بهاولپور، مظفرگڙهه ۽ ملتان ضلعن جي ڪجهه حصن ۾ ملي ٿي، ڪارو متو ۽ ڪرا ڪن هن نسل جي سڃاڻپ آهن. هن نسل جون رڍون ريگستاني علائقن ۾ پاڻي جي بغير گهڻ ڏينهن تائين زنده رهي سگهي ٿي.

# ٻاڪري مال جون اهم نسلون

## سنڌ ۾ ٻاڪري مال جا نسل

### ڪاموري




ڪاموري نسل سنڌ جي ضلعي نوابشاهه، حيدرآباد، دادو ۽ لاڙڪاڻي ۾ پاليو وڃي ٿو. هالا، سڪرنڊ ۽ شهدادپور ۾ ڪافي وڏا ڌڻ ملن ٿا. دادو ضلعي جي خدا آباد علائقي ۾ ڪاموري ٻڪري جو سرڪاري فارم پڻ موجود آهي. هن نسل جي ٻڪرين جو رنگ ڳاڙهو ناسي هوندو آهي. جسم تي ڪارا يا پورا وڏا داغ هوندا آهن پر ڪجهه جانورن ۾ پورا ۽ ڪارا داغ نه هوندا آهن. هن نسل جي جانورن جو قد پريل ۽ سهڻو، نر جو سراسري وزن 72 ڪلوگرام ۽ مادي 48 ڪلوگرام ٿئي ٿو. اوهه وڏو ۽ ٿڻ ڊگها، ڪن ڊگها ۽ لڙيل، سڱ ننڍا، ڳچي ڊگهي ۽ مضبوط، پڇ ننڍو، نڪ رومن، 115 ڏينهن ۾ سراسري کير جي پيداوار 210 ليٽر آهي. انهيءَ ڪري هن نسل کي غريب جي ڳئون چوندا آهن. هي ٻڪريون ٻه يا ٻن ڪان وڌيڪ ڦر ڏين ٿيون. سندس کل جو چمڙو عمدي درجي جو هوندو آهي. هن نسل کي پالڻ جو مقصد گوشت ۽ کير آهي. هن نسل جا اڪثر وار نه ڪٽيا ويندا آهن.

### ٿري



هي ٻاڪرو نسل ٿر ۾ ملي ٿو، انهي ڪري نالو ٿري پيو آهي. هن نسل جو رنگڪارو آهي، پر ڳاڙها جانور ٻ لڀن ٿا .قد بت وچولو، بدن تي وار وڌيڪ، مٿو ۽ ڪن وچولا، اوهه پريل، کير جي سراسري پيداوار 120 ڏينهن جي عرصي ۾ 110 ليٽر پيداوار رڪارڊ ڪئي وئي آهي. وارن جي ساليانووزن 300 گرام ٿئي ٿي. جاڙا ڦر 20 سيڪڙو جانور ڏين ٿا. پالڻ جو مقصد کير ، گوشت ۽ شوق آهي.



### ڪوهستاني، جبلي يا چاپر



هي نسل دادو، جيڪب آباد ۽ ڪراچي جي ويجهو بلوچستان جي علائقي لس ٻيلي ۾ پاليو وڃي ٿو. هن نسل جو قد ننڍو، رنگ اڪثر ڪارو پر اڇو ٻ ٿئي ٿو. جسم وڏن وارن سان ڍڪيل هوندو آهي. مٿو وچولو، پيشاني نمايان، ڪن وچولا ۽ ننڍا، نر مادي کي سنگ ٿين ٿا. جيڪي مُڏا هوندا آهن. پڇ 18 سينٽي ميٽر ڊگهو، کير جي پيداوار 120 ڏينهن ۾ 91 ليٽر هوندي آهي. نر جو وزن 35 ڪلو گرام ۽ مادي جو وزن 25 ڪلو گرام ٿيندو آهي. وارن جو سالیانو وزن 600 گرام في جانور هوندو آهي.

### بربري يا بري



بري نسل جا جانور حيدرآباد، نوابشاهه، ٿرپارڪر، سکر ۽ دادو ضلعن ۾ پاليا وڃن ٿا. پنجاب جي وڏن شهرن ۽ مظفرڳڙهه ۾ ٻ پاليا وڃن ٿا. هي نسل خوبصورت آهي ۽ ٻاڪيا شوق جي خيال سان پاليندا آهن. رنگ اڇو ۽ ان تي پوري رنگ جا داغ ٿين ٿا. هي جانور هرڻ جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سنگ هرڻ وانگي سڌا مٿي ۽ تکا، ڪن ننڍا پر ڪڙا ٿين ٿا. جسم پريل، پٺي سڌي، ڳچي سنهي ۽ ڊگهي هوندي آهي. اوهه وچولو ۽ ٿڻ ننڍا، سراسري وزن نر 29 ڪلوگرام ۽ مادي جو 24 ڪلوگرام هوندو آهي. گوشت کائڻ ۾ لذيذ ٿيندو آهي. جسم جي کل سنهي ۽ وار تمام ننڍا هوندا آهن.

### ٿاپري



حيدرآباد، بدين، ۽ ميرپورخاص،سانگهڙ ضلعن ۾ ٿاپري ٻاڪري مال جو نسل پاليو وڃي ٿو. هن نسل جو رنگ ڪٽمل، ڳاڙهو يا پورو هوندو آهي. اڇي رنگ جا جانور ٻ ٿين ٿا. مٿو ۽ ڪن ننڍا، ڪنڌ ننڍو،اوهه ۽ ٿڻ ننڍا. نر جو وزن 33 ڪلوگرام ۽ مادي جي 25 ڪلوگرام ٿئي ٿو، هي نسل جلد بالغ ٿئي ٿو، خاص ڪري گوشت لاءِ پاليو وڃي ٿو.

## ديسي يا جٿل



هي نسل دادو، سکر، نوابشاهه ۽ شڪارپور ضلعن ۾ لڀي ٿو. هن نسل جو رنگ ڪارو يا سليٽي ڪارو ٿئي ٿو ۽ ڪجھ جانورن ۾ مختلف ڪلرن جا ٽڪا پڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هي نسل ڪاموري ۽ ڪوهستاني ٻڪرين جي ميلاپ سان آيو آهي. هن نسل جو قد وڏو ۽ ڏگهو ٿئي ٿو. ڪن ڊگها، ڳچي وڏي، اوهه ويڪرو ۽ ٿڻ وچولا، هن نسل جي ٻڪرين جي جسم تي وار ڊگها ٿين ٿا. هي نسل کير، گوشت ۽ چمڙي جي لحاظ کان سٺو سمجهيو ويندو آهي. نر جو سراسري وزن 23 ۽ مادي 19 ڪلوگرام ٿيندو آهي. اُن يا وارن جي ساليانين پيداوار 400 گرام آهي. جاڙا ڦر عام ڏي ٿي. 150 ڏينهن جي کير واري عرصي ۾ 80 ليٽر کير ڏي ٿي.

## جتڻ ۽ ڍاٽڻ



هي نسل اڪثر ڪري سنڌ ۾ جت قوم جا پاڳيا پاليندا آهن. انهيءَ ڪري نالو جتڻ رکيو ويو. هي نسل ٿر ۾ به ملي ٿو تنهنڪري ڍاٽڻ به سڏجي ٿو. (ڍٽ ٿر جو هڪ حصو آهي). هن جو رنگ هرڻ جهڙو، ڳاڙهو ۽ ڪارو آهي، قد وڏو، ٽنگون وڏيون، ڪن لڙيل وچولا جنهن تي ڪارا يا اڇا، ڳاڙها نشان ٿين ٿا. نر کي ڪنڌ ۾ ڪارو چلو، مادي ۾ اوهه وڏو، کير جي 130 ڏينهن جي عرصي ۾ 225 ليٽر پيداوار رڪارڊ ڪئي وئي آهي. نر جو وزن 50 ڪلو گرام ۽ مادي جو 40 ڪلو گرام ٿيندو آهي.



## پٽيري



هي نسل حيدرآباد، نوابشاهه، خيرپور ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ ملي ٿو. هي نسل ٻاڪري مال ۾ ڳري ۾ ڳرو نسل آهي جيڪو سنڌ ۾ پاليو وڃي ٿو. جسم جو رنگ اڇو، منهن، ڪنڌ، ڪن ۽ ٽنگ ڳاڙهيون پوريون ٿينديون آهن. ڪن ڊگها ۽ لڙيل، اوهه وڏو، کير جي سراسري پيداوار 120 ڏينهن ۾ 170 ليٽر آهي. نر جو وزن 70 ڪلوگرام ۽ مادي جو 45 ڪلوگرام ٿيندو آهي. جاڙا ڦر عام ٿين ٿا. هي نسل کير ۽ گوشت لاءِ پاليو وڃي ٿو.عيد لاءِ خاص ٻڪر پاليا ويندا آهن.

## بجري



بجري ٻڪري جو نسل حيدرآباد، بدين، ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ ملي ٿو . هن نسل جي جانورن جو رنگ سفيد، جسم تي وار گهاٽا، مٿو وچولو، سڱ ننڍا ٿيندا آهن. ڪن وچولا ۽ هيٺ لڙيل،نڪ رومن نر جو وزن 45 ڪلوگرام ۽ مادي جو 35.5 ڪلوگرام ٿئي ٿو. ساليانو وارن جو هڪ ڪلوگرام في جانور پيدا ٿئي ٿو. پالڻ جو مقصد گوشت ۽ وار حاصل ڪرڻ آهي.

# پنجاب ۾ پاڪري مال جا نسل



## بيتل

بيتل نسل گهٽو ڪري پنجاب جي سيني آبپاشي علائقن ۾ پالي وڃي ٿي. خاص طور تي ملتان، بهاولپور، ساهيوال، اوڪاڙه، لاهور، فيصل آباد، شيخوپورا، ٽوباٽيڪ سنگهه، جهنگ، جهلم، گجرانوالا، منڊي بهاولدين ۽ سيالڪوٽ ضلعا شامل آهن.



## نُڪري

نڪري نسلون پنجاب جي ضلعن ڊيراغازي خان ۽ راجن پور ۾ ملنديون آهن، خاص طور تي تعلقا جامپور ۽ راجن پور شامل آهن. هن نسل جون 50 فيصد ٻڪريون هڪ وقت ۾ 1 کان 2 ڦر ڏينديون آهن.



## مکهي چيني

هي پنجاب جي ضلعن خاص طور تي ملتان، بهاولپور، ساهيوال، اوڪاره، بهاولنگر ۽ رحيم يارخان ۾ محنت سان گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ پاليندا آهن.



## ٽيڊي



هي نسل پنجاب جي اڪثر ضلعن خاص ڪري گجرات، سرگودها، راولپنڊي ۽ آزاد ڪشمير جي سيني علائقن ۾ پالي ويندي آهي. گهٽو ڪري 55 فيصد ٽيڊي ٻڪريون جاڙا ڦر ۽ 10 فيصد 3 ڦر هڪ وقت ۾ ڏين ٿيون. ٻڪريون گوشت حاصل ڪرڻ جي لاءِ به پاليون وينديون آهن.

